# انڌيري قبر

**12-March-2020**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

11 مارچ 2020 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماعن ۾ ٿيندڙ بيان

# انڌيري قبر

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھنديون

- ننڍڙي ٻارڙيءَ جو فرياد ۽ حضرت حسن بصري جو عمل
- قبرون بظاهر هڪ جهڙيون پر!!!
- هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي!
- قبر جي خوف متعلق بزرگن جا معمولات
- قبر ۾ ڪم اچڻ وارا ڪجھ ڪم
- قبر ۾ نقصان ڏيڻ وارا ڪجھ ڪم

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِينَۃُ الْعِلْمِيہ
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

هرمبلغ بيان ڪرڻ ڪان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# انڌيري قبر

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

## درود پاڪ جي فضيلت

**هڪ مريض** نزع جي حالت ۾ هو (يعني اُن جو روح جسم مان نڪرڻ وارو ئي هو)، ان جو دوست عيادت جي لاءِ آيو ۽ ڏسي پڇيائين! اي دوست، سڪرات (موت جي وقت پساهه نڪرڻ) جي ڪوڙاڻ جو ڇا حال آهي؟ جواب ڏنائين: مون کي ڪا تڪليف محسوس نه پئي ٿئي، ڇوته مون عالم سڳورن کان ٻڌو آهي ته جيڪو شخص حبيبِ خدا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪري، ان کي الله پاڪ موت جي ڪوڙاڻ کان امن** ڏيندو آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ **مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِه" **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندَس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُوالله ,تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز جو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،ان کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اڄ جي بيان جو موضوع آهي **"انڌيري قبر"** جنهن ۾ اسان موت اچڻ ۽ ان کان پوءِ قبر ۾ پيش ايندڙ معاملن جي باري ۾ ٻڌنديون سين.

## ننڍڙي ٻارڙيءَ جو فرياد

جليلُ القدر تابِعي بزرگ حضرت سيدنا حَسَن بَصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي گهر جي دروازي تي تشريف فرما هئا تہ اتان هڪ جنازو گذريو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ اٿيا ۽ جنازي جي پنيان هلڻ لڳا. جنازي جي هينان هڪ ننڍڙي ٻارڙي زارو قطار

روئندي تيز هلي رهي هئي، اها چئي رهي هئي؛ اي بابا سائين! اڄ مون تي اهو وقت آيو آهي جيڪو پهريان ڪڏهن نہ آيو هو. حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن اهو درد ڀريو آواز ٻڌو تہ اکيون اشڪبار، دل بيقرار ٿي وئي، شفقت وچان ان يتيم ۽ غمگين ٻارڙيءَ جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ فرمايائون؛ نياڻي! توتي نہ بلڪ تنهنجي مرحوم بابا تي اهو وقت آيو آهي جيڪو اڄ کان پهريان ڪڏهن نہ آيو هو. ٻئي ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان ننڍڙي ٻارڙيءَ کي ڏٺو تہ ڳوڙها ڳاڙيندي قبرستان ڏانهن وڃي رهي آهي. حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي پٺيان هلڻ لڳا. قبرستان پهچي ڪري ننڍڙي ٻارڙي پنهنجي مرحوم والد جي قبر وٽ ويهي رهي، حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ وڻ جي اوٽ ۾ ويهي رهيا. اها ننڍڙي ٻارڙي پنهنجا ڳل مٽيءَ تي رکي روئي ڪري چوڻ لڳي؛ پيارا بابا! توهان انڌيري ۾ ڏيئي ۽ ڪنهن ساٿيءَ بنا قبر جي پهرين رات ڪيئن گذاري؟ پيارا بابا! ڪالهہ رات تہ مون گهر ۾ توهان جي لاءِ ڏيئو ٻاريو هو، اڄ رات قبر ۾ ڏيئو ڪنهن ٻاريو هوندو! پيارا بابا! ڪالهہ رات گهر ۾ مون توهان جي لاءِ بسترو وڇايو هو، اڄ رات قبر ۾ بسترو ڪنهن وڇايو هوندو! پيارا بابا! ڪالهہ رات گهر ۾ مون توهان جي هٿن پيرن کي زور ڏنا ها اڄ رات قبر ۾ هٿن پيرن کي ڪنهن زور ڏنا هوندا! پيارا بابا! ڪالهہ رات گهر ۾ مون توهان کي پاڻي پياريو هو، اڄ رات قبر ۾ جڏهن اُڃ لڳي هوندي ۽ توهان پاڻي گهريو هوندو تہ پاڻي ڪنهن پياريو هوندو! پيارا بابا! ڪالهہ رات تہ توهان جي جسم تي چادر مون رکي هئي اڄ رات ڪنهن رکي هوندي! پيارا بابا! ڪالهہ رات تہ گهر جي اندر توهان جي چهري تان پگهر مان اگهندي رهي هيس اڄ رات قبر ۾ پگهر ڪنهن صاف ڪيو هوندو! پيارا بابا! ڪالهہ رات تائين تہ توهان مونکي جڏهن بہ سڏيو مان ايندي هئس، اڄ رات قبر ۾ توهان ڪنهن کي سڏيو هوندو ۽ توهان جو سڏ ٻڌي ڪير آيو هوندو! پيارا بابا! ڪالهہ رات تائين جڏهن توهان کي بک لڳي هئي تہ مان ماني ڪٽي آئي هيس، اڄ رات جڏهن قبر ۾ بک

لڳي هوندي تہ ڪاڏو ڪنهن ڏنو هوندو! پيارا بابا! ڪالهہ تائين تہ مون توهان جي لاءِ مختلف قسمن جا ڪاڏا تيار ڪيا هئا، اڄ قبر ۾ پهرين رات ڪنهن تيار ڪيا هوندا!

حضرت سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه غمگين ۽ ڏکايل مدني منيءَ جون اهي درد پريون ڳالهيون ٻڌي روئي پيا ۽ ويجهو وڃي فرمايو: اي نياڻي! ائين نہ بلڪ هينئن چئو: پيارا بابا! دفن ڪرڻ وقت توهان جو چهرو قبلي ڏانهن ڪيو ويو هو، ڇا هاڻي بہ انهيءَ حالت ۾ آهي يا ٻئي طرف چهرو ڦيريو ويو آهي؟ پيارا بابا! توهان کي صاف سٿرو ڪفن پارائي دفن ڪيو ويو هو ڇا اهو اجان تائين صاف سٿرو ئي آهي؟ پيارا بابا! توهان کي قبر ۾ صحيح سلامت جسم سان رکيو ويو هو، ڇا اجان تائين جسم سلامت آهي يا ان کي ڪيڙن ماڪوڙن کائي ڇڏيو آهي؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ قبر جي پهرين رات ٻانهي کان ايمان جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو تہ ڪو جواب ڏيندو ۽ ڪو مايوس رهندو تہ توهان ان سوال جو صحيح جواب ڏنو يا ناڪام ٿي ويؤ؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ ڪن مُردن تي قبر ڪشاده ٿي ويندي آهي ۽ ڪن تي تنگ، تہ توهان تي قبر تنگي ڪئي آهي يا ڪشادگي؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ ڪنهن ميت جي ڪفن کي جنتي ڪفن سان ۽ ڪنهن جي ڪفن کي جهنمي باهہ جي ڪفن سان بدلايو ويندو آهي تہ توهان جو ڪفن باهہ سان بدلايو ويو آهي يا جنتي ڪفن سان؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ قبر ڪنهن کي اهڙي طرح دٻائيندي آهي جهڙي طرح ماءُ پنهنجي وڇڙيل پٽ کي شفقت وچان سيني سان لائيندي آهي ۽ ڪنهن کي غضب ناڪ ٿي ايتري زور سان چيپاٽيندي آهي جو ان جون پاسراٽيون ٽٽي هڪ ٻئي سان ملي ويندون آهن تہ قبر توهان کي ماءُ وانگر نرميءَ سان ڳلي لڳايو، يا پاسراٽيون ڀڃي ڇڏيون؟ پيارا بابا! عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ

مُردي کي جڏهن قبر ۾ لاٿو ويندو آهي ته اهو ٻنهي صورتن ۾ پڇتائيندو آهي، جيڪڏهن نيڪ ٻانهو آهي ته ان ڳالهه تي پڇتائيندو آهي ته ان گهٽيون نيڪيون ڇو نه ڪيون ۽ جيڪڏهن گنهگار آهي ته ان لاءِ پڇتائيندو ته گناهه ڇو ڪيا؟ پيارا بابا! توهان نيڪين جي گهٽ هئڻ جي ڪري پڇتايو يا گناهن تي؟ پيارا بابا! ڪالهه تائين جڏهن مان توهان کي سڏيندي هيس ته مون کي جواب ڏيندا هيؤ، اڄ مان ڪيتري بدنصيب آهيان جو قبر جي سيراندي کان توهان کي سڏي رهي آهيان پر مون کي توهان جي جواب جو آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي! پيارا بابا! توهان ته مون کان اهڙا جدا ٿي ويؤ جو قيامت تائين ٻيهر وري نه ملي سگهندؤ. اي ربّ ڪريم قيامت جي ميدان ۾ مون کي پنهنجي بابا جي ملاقات کان محروم نه ڪجانءِ.

حضرتِ سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جون اهي ڳالهيون ٻڌي ان ٻارڙيءَ عرض ڪيو: اي منهنجا سردار! توهان جي نصيحت ڀرين ڳالهين مون کي غفلت مان سجاڳ ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪانپوءِ اها مدني مني روئندي حضرتِ سيِّدُنا حسن بصري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ سان گڏ واپس موٽي آئي. (المواعظ العصفورية لابي بكر بن محمد العصفوري،مترجم ص ١١٨بتصرف مکتبۂ اعلیٰ حضرت )

## قبرون بظاهر هڪ جهڙيون آهن پر---

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اهي قبرون جيڪي مٿان کان هڪ جهڙيون نظر اچن ٿيون ضروري ناهي ته انهن جون اندروني حالتون به ساڳيون هجن، جِي ها ان مٽي جي ڍير هيٺان دفن ٿيڻ واري جيڪڏهن ڪا نمازي هئي، رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ واري هئي، تلاوتِ قرآن ڪرڻ واري هئي، تَهَجُّد، اِشراق، چاشت ۽ اَوّابين جا نفلَ ادا ڪرڻ واري هئي، عاجزي ڪرڻ واري هئي، حُسنِ اخلاق جي پيڪر هئي، ماءُ پيءُ جي فرمانبرداري ڪرڻ واري هئي، ڀين جا حق ادا ڪرڻ واري هئي، الله پاڪ ۽ ان جي پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت

ڪرڻ واري هئي، صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان، اهلبيتِ عظام ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام سان محبت ڪرڻ واري هئي، ته ان جي قبر جيڪا مٿان ڪان مٽيءَ جو ڍير نظر اچي پئي، ٿي سگهي ٿو ته الله پاڪ ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل ۽ ڪرم سان ان جو اندروني حصو حدِ نگاهہ تائين وسيع ٿي چڪو هجي، قبر ۾ جنت جي دري ڪلي وئي هجي ۽ ان مٽي جي ظاهري ڍير هينان جنت جو خوبصورت باغ موجود هجي. ٻئي طرف ان مٽي جي ڍير هينان دفن ٿيڻ واري جيڪڏهن بي نمازي هئي، رمضان المبارڪ جا روزا ڇاڏي واٽي برباد ڪرڻ واري هئي، ٻين جي بنا اجازتِ شرعي دل ڏکائڻ واري هئي، امانت ۾ خيانت ڪرڻ واري هئي، فلمون ڊراما ڏسڻ واري هئي، گانا باجا ٻڌڻ واري هئي، گاريون ڏيڻ واري هئي، ڪوڙ، غيبت، چغلي، الزام تراشي، بدگماني ۽ تڪبُّر جي عادي هئي، ماءُ پيءُ جي نافرمان هئي، ٿي سگهي ٿو ته ان مٽيءَ جي پر سڪون نظر اچڻ واري ڍير هينان بيقراري وارو ماحول هجي، جهنم جي دري ڪلي وئي هجي، باهہ ٻڙڪي رهي هجي، نانگ ۽ وڇون دفن ٿيڻ واريءَ جي جسم تي چنبڙيل هجن ۽ دانهن ۽ ڪوڪن جو وڏو آواز هجي جنهن کي اسان نٿيون ٻڌي سگهون.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

اری یہ بھیڑیوں کا بَن ہے شام آگئی سر پر
کہاں سویا ہے مسافر ہائے کتنا لاَاُبالی ہے

اندھیرا گھر، اکیلی جان، دَم گھٹتا، دِل اُکتاتا
خُدا کو یاد کر پیارے وہ ساعت آنے والی ہے

زمیں تپتی، کٹیلی راہ، بھاری بوجھ، گھائل پاؤں
مصیبت جھیلنے والے ترا اللہ والی ہے

نہ چونکا دن ہے ڈھلنے پر تِری منزل ہوئی کھوٹی
ارے او جانے والے نیند یہ کب کی نکالی ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب ! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ ڏينهن مرڻو آهي آخر موت آهي!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! زِندگي موت جي اَمانت آهي هر اها ذِي رُوح جو جنهن جاندار زِندگي جو جام پي ورتو آهي، ان کي موت جو پيالو بہ پيئڻو آهي. اَمير هجي يا غريب، بادشاهہ هجي يا وزير، چوڪيدار هجي يا دُڪاندار، پروفيسر هجي يا اڻ پڙهيل، عالِم هجي ياغيرِ عالِم، پير هجي يا فقير، مُسلم هجي يا غير مُسلم جنهن بہ حيثيت وارو ڪوبہ انسان هجي، ان کي ضرور موت جو مزو چکڻو پوندو. اسان دُنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ پهچي وڃون ۽ پنهنجي طور تي موت کان بچڻ جي لاءِ چاهي ڪيترو ئي انتظام ڪريون، پر موت کان ڪنهن صورت ۾ پيڇو ڇڏائي نٿيون سگهون.

قرآنِ ڪريم ۾ اهو ئي مضمون ڪيئي هنڌن تي بيان ٿيو آهي. جيئن سيپاري 4 آلِ عِمرٰن جي آيت نمبر 185 ۾ اِرشاد آهي.

كُلُّ نَفۡسٍ ذَآىِٕقَةُ الۡمَوۡتِ ؕ (پ ۴، آلِ عمران: ۱۸۵)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هر ساهہ واري کي موت چکڻو آهي

مُفسّر قرآن، مُفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا: اِنسان هجن يا جنّ يا ملائڪ، الله پاڪ کان سِوا هر هڪ کي موت اچڻو آهي ۽ هر شيءِ فاني آهي. (نورُالعرفان ،ص۱۱۷)

جڏهن تہ قرآنِ پاڪ ۾ هڪ ٻي هنڌ تي سيپاري 5 سُورَة النِّساء جي آيت نمبر 78 ۾ ارشاد آهي:

اَيۡنَ مَا تَكُوۡنُوۡا يُدۡرِكۡكُّمُ الۡمَوۡتُ وَلَوۡ كُنۡتُمۡ فِىۡ بُرُوۡجٍ مُّشَيَّدَةٍ ؕ (پ ۵، النساء:۷۸)

ترجمو ڪنز الايمان: توهان جاتي بہ هُجو موت توهان کي اچي پُهچندو جيتوڻيڪ مضبُوط قلعن ۾ هُجو

هن آيت سڳوري جي حوالي سان تَفسيرِ نعيمي ۾ آهي تہ هر شخص جي

موت جو وَقت، موت جو هنڌ مُقَرَّر آهي، ڪو ان ڪان ڪنهن تدبير ۽ ڪنهن حِيلي سان بچي نٿو سگهي، توهان جتي بہ رهو پنهنجي وَقت تي موت توهان کي ضَرور پهچندو جيتوڻيڪ توهان مَضبُوط قَلعن يا آسمان جي بُرجن ۾ پهچي وڃو، زِندگي جي لاءِ ڪيترائي حِفَاظَت جا سامان ڪريو پر مرندؤ ضَرور. (تفسيرِ نعيمي، ج۵، ص۲۴۲)

## قبر بابت بزرگن جا معمولات

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جڏهن مرنديون سين تہ آخرت جي سفر جو آغاز ٿيندو. ان جي **پهرين منزل قبر** آهي جيڪا آخرت جي مرحلن ۾ **سڀ کان اهم مرحلو** آهي. اسان جي بزرگ سڳورن جو معمول هو تہ قبر کي ڏسندي ئي روئيندي روئيندي بي حال ٿي ويندا هئا. بلڪ اسان کي بخشرائڻ واري مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو قبر جي حوالي سان خوفِ خدا ملاحظہ ڪريو: . حضرت سيّدنا براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ اسان سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين تہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قبر جي ڪناري تي ويهي رهيا ۽ ايترا رُنا جو مٽي آلي ٿي وئي پوءِ فرمايائون: هن جي لاءِ تياري ڪريو. (سُنَنِ ابن ماجه ج ۴ ص ۴۶۶حديث ۴۱۹۵دارا لمعرفة بيروت )

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سيدُنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ **جڏهن** ڪنهن جي قبر تي تشريف فرما ٿيندا هئا تہ ايتري قدر روئندا هئا جو سندن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي. عرض ڪيو ويو: جنت ۽ دوزخ جو تذڪرو ڪرڻ وقت توهان روئندا ناهيو پر قبر تي گهڻو روئندا آهيو ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ فرمايائون: مان نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کان ٻڌو آهي: آخرت جي سڀ کان پهرين منزل قبر آهي، جيڪڏهن قبر واري ان کان نجات حاصل ڪئي تہ بعد وارو معاملو ان تي آسان آهي ۽ جيڪڏهن ان نجات حاصل نہ ڪئي تہ بعد وارو معاملو ڏاڍو سخت

آهي. (سُنَنِ ابن ماجه ج۴ ص۵۰۰ حديث ۴۲۶۷)

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** ڏٺو توهان ذوالنّورَين، جامعُ القرآن حضرت سيِّدُنا عثمان ابنِ عفّان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو خوفِ خدا! پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عشره مبشره يعني ان ڏهن خوش نصيب صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان مان آهن جن کي الله پاڪ جي حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ حقِ ترجمان سان خصوصي طور تي جنتي هئڻ جي بشارت ڏني هئي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي اها هستي هئي جو معصوم فرشتا بہ حيا ڪندا هئا. ان جي باوجود بہ قبر جو خوف، وحشتن، اڪيلائپ ۽ انڌيري جي باري ۾ بي انتها خوفزده رهندا هئا ۽ هڪ پاسي اسان آهيون جو پنهنجي قبرن کي وساري ويٺيون آهيون، روزانو ماڻهن جا جنازا ڏسڻ باوجود، اهو نٿيون سوچيون تہ هڪ ڏينهن اسان جو جنازو بہ کنيو ويندو، يقينًا اهي جنازا اسان جي لاءِ خاموش مبلغ جي حيثيت رکن ٿا. اهي جيڪي ڪجهہ چئي رهيا هوندا آهن ان کي ڪنهن هن طرح نظم ۾ بيان ڪيو آهي:

جنازہ آگے آگے کہہ رہا ہے اے جہاں والو
مرے پیچھے چلے آؤ تمہارا رہنما میں ہوں

## قبر پنهنجي اندر دفن ٿيڻ واري کي ڇا چوندي آهي؟

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** قبر پنهنجي اندر دفن ٿيڻ واريءَ کي ڇا چوندي آهي. اچو هن باري ۾ ڪجهہ روايتون ٻڌون ٿيون:

حضرت سيدُنا ابُو الحَجّاج ثُمالِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن ميت کي قبر ۾ لاتو ويندو آهي تہ قبر ان سان خطاب ڪندي آهي: اي انسان تون برباد ٿئين! تو ڇا جي ڪري مون کي وساري ڇڏيو؟ ڇا توکي ايتري بہ خبر نہ هئي تہ مان فتنن جو گهر آهيان، اونداهي جو گهر آهيان، پوءِ تو کهڙي ڳالهہ جي ڪري مون تي آڪڙجي

هلندو هئين؟ ها جيڪڏهن اهو مُردو نيڪ هو تہ هڪ غيبي آواز قَبر مان چوندي آهي: اي قَبر! جيڪڏهن هي انهن مان هجي جيڪي نيڪي جو حُڪم ڏيندا رهيا ۽ برائي کان منع ڪندا رهيا تہ پوءِ تون ڪهڙو سُلوڪ ڪندينءَ؟ قَبر چوندي آهي: جيڪڏهن اها ڳالهہ هجي تہ مان ان جي لاءِ گلزار بڻجي ويندي آهيان. پوءِ ان شخص جو بدن نور ۾ تبديل ٿي ويندو آهي ۽ ان جو روح ربُّ العٰلمين جي بارگاهہ ڏانهن پرواز ڪري ويندو آهي. (مُسْنَدُ اَبِي يعْلي ج٦ص٦٧ حديث ٦٨٣٥)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن مڙدي سان گڏ اچڻ وارا واپس ٿيندا آهن تہ مڙدو ويهي انهن جي قدمن جو آواز ٻڌندو آهي ۽ قبر کان پهريان ڪو ان سان ناهي ڳالهائيندو، قبر چوندي آهي: اي انسان! ڇا تو منهنجا حالات نہ ٻڌا هئا؟ ڇا منهنجي تنگي، بدبو، هولناڪي ۽ ڪيڙن کان توکي نہ ڊيڄاريو ويو هو؟ جيڪڏهن ائين هو تہ پوءِ تو ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ (شَرْحُ الصّدُوْرص ١١٤)

حضرتِ علّامہ جلالُ الدّين سُيوطِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا :حضرتِ سيدُنا عُبيد بن عُمير رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ، قبر مردي کي چوندي آهي تہ جيڪڏهن تون پنهنجي زندگي ۾ الله پاڪ جو فرمانبردار هئين تہ اڄ مان توتي رحمت ڪنديس ۽ جيڪڏهن تون پنهنجي زندگيءَ ۾ الله پاڪ جو نافرمان هئين تہ مان تنهنجي لاءِ عذاب آهيان، مان اهو گهر آهيان جو جيڪو مون ۾ نيڪ ۽ فرمانبردار ٿي داخل ٿيو اهو مون مان خوش ٿي نڪرندو ۽ جيڪو نافرمان ۽ گنهگار هيو، اهو مون مان تباهہ حال ٿي نڪرندو. (شَرْحُ الصَّدُور ص ١١٤، اهوال القبور لابن رجب ص٢٧)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! سوچيو تہ سهي ان وقت جڏهن تہ اسان قَبر ۾ اڪيليون هونديون سين، گهٻراهٽ هوندي، نہ ڪيڏانهن وڃي سگهنديون سين، نہ ڪنهن کي سڏي سگهنديون سين ۽ پڇي نڪرڻ جي بہ ڪا صورت نہ هوندي. اُن وقت قَبر جو هانءُ ڏاريندڙ آواز ٻڌي اسان تي ڇا گذرندو! امير اهلسنت دَامَتْ

بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ **اسان کي ڏيڄارڻ ۽ خوابِ غفلت مان بيدار ڪرڻ جي لاءِ هڪ نهايت ئي نصيحت آموز ڪلام** لکيو آهي جو جنهن جو هڪ هڪ شعر ڄڻ تہ اسان کي موت ڪان پهريان **بيدار ٿيڻ** جو پيغام ڏئي رهيو آهي، **غفلت جي ننڊ** سمهڻ وارن کي ڄڻ تہ دستڪ ڏئي رهيو آهي تہ **بيدار ٿي وڃو.** اچو ٻڌون ٿيون:

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتِبار　　تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ!　　جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے　　قَبْر میں تنہا قِیامت تک رہے
جب فرِشتہ موت کا چھا جائے گا　　پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا
موت آئی پہلواں بھی چل دیئے　　خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے
دنیا میں رہ جائے گا یہ دبدبہ　　زور تیرا خاک میں مل جائے گا
تیری طاقت تیرا فن عُہدہ تِرا　　کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ تِرا
قبر روزانہ یہ کرتی ہے پکار　　مجھ میں ہیں کیڑے مکوڑے بیشُمار
یاد رکھ میں ہوں اندھیری کوٹھڑی　　تجھ کو ہوگی مجھ میں سُن وَحشت بڑی
میرے اندر تُو اکیلا آئے گا　　ہاں مگر اعمال لیتا آئے گا
نَرْم بستر گھر پہ ہی رہ جائیں گے　　تجھ کو فرشِ خاک پر دفنائیں گے
گُھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا　　بے عمل!بے اِنتہا گھبرائے گا
کام مال و زَر نہیں کچھ آئے گا　　غافل انساں یاد رکھ پچھتائے گا
جب تِرے ساتھی تجھے چھوڑ آئیں گے　　قبر میں کیڑے تجھے کھا جائیں گے

قَبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا یاد رکھ نازک بدن پھٹ جائے گا
تیرا اِک اِک بال تک جَھڑ جائے گا خوبصورت جسم سب سڑ جائے گا
آہ! اُبَل کر آنکھ بھی بہ جائے گی کھال اُدھڑ کر قبر میں رہ جائے گی
سانپ بچھّو قبر میں گر آگئے! کیا کرے گا بے عمل گر چھا گئے!
گورِ نیکاں باغ ہوگی خُلد کا مجرِموں کی قبر دوزخ کا گڑھا
کِھلکھلا کر ہنس رہا ہے بے خبر! قبر میں روئے گا چیخیں مار کر
کر لے توبہ رب کی رَحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی
وقتِ آخر یاخدا! عطارؔ کو خیر سے سرکار کا دیدار ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسان جي قبر ۾ ڇا هوندو؟

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غيب ٻڌائڻ واري نبي، رسولِ عربي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ عاليشان آهي: قَبر يا تہ جنّت جي باغن مان هڪ باغ آهي يا جهنّم جي کڏن مان هڪ کڏ.** (سُنَنِ تِرمِذي ج۴ ص۲۰۸ حديث۲۴۶۸)

گورِ نیکاں باغ ہوگی خُلد کا
مجرِموں کی قَبر دوزخ کا گڑھا
(وسائل بخشش مرمم، ص ۷۱۲)

**ياد رکو! اسان کي بہ هڪ ڏينهن مرڻو ۽ انڌيري قبر ۾ لهڻو پوندو، عنقريب اهو ڏينهن بہ ايندو جو جڏهن اسان پنهنجي دفن ڪرڻ وارين کي ڏسي رهيون هونديون سين، انهن جي ڳالهين کي ٻڌي رهيون هونديون سين، انهن سڀني کي**

سجاڳي رهيون هونديون سين، اسان جي قبر کوٽي ويندي تڏهن به اسان کي خبر هوندي، ۽ جڏهن قبر بند ڪرڻ جي لاءِ مٽي وڌي پئي ويندي هي دردناڪ منظر به نظر اچي رهيو هوندو، پر ڳالهائي ڪجهه به نه سگهنديون سين، دفن ڪرڻ کان بعد اسان جا ناز کڻڻ وارا وڃي رهيا هوندا، قبر ۾ انهن جي قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هوندا. دل ٻوساٽجي رهي هوندي، قبر جي وحشت ۽ گرمي ڏسڻي پوندي، اونداهي ۽ تاريڪي سان به دل گهٻرائي رهي هوندي! اوچتو پنهنجي وڏن وڏن ڏندن سان قبر جي پٽين کي چيريندي خوفناڪ شڪلين وارا دهشتناڪ، ڪارا وار لٽڪائيندي به ملائڪ "منڪر نڪير" قبر ۾ اچي ظاهر ٿيندا، انهن جي اکين مان باهه جا شعلا نڪري رهيا هوندا ۽ اهي سختيءَ سان ويهاريندا ۽ نهايت ئي سخت لهجي ۾ سوال ڪندا. اسان کي خبر ناهي ته اسان انهن جي جوابن ۾ ڪامياب ٿينديون سين يا نه.

قبر میں آہ! گُھپ اندھیرا ہے روشنی ہو پئے رضا یارب!
سانپ لپٹیں نہ میرے لاشے سے قبر میں کچھ نہ دے سزا یارب!
نُورِ احمد سے قَبر رَوشن ہو وحشتِ قبْر سے بچا یارب!
میرا نازُک بدن جہنّم سے از طفیلِ رضا بچا یارب
(وسائلِ بخشش مرمّم، ص٨٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان جي لاءِ اها ڳالهه قابلِ غور آهي ته جيڪڏهن رات جي وقت ڪو عجيب آواز ٻڌڻ جو موقعو ملي ته اسان کي بي چيني ٿيڻ لڳندي آهي، ڪجهه دير جي لاءِ لائٽ هلي وڃي ۽ يڪدم اونداهي ٿي وڃي ته بي سڪون ٿي وينديون آهيون، اونداهي ۾ ٻلّي جي آواز ۽ ڪتّن جي

پونکڻ جو آواز اسان کي پريشان ڪري ڇڏيندو آهي، لال بيگ ۽ وڇون ڏسي جسم ۾ ڏڪڻي وٺي ويندي آهي، غور ڪريو تہ جيڪڏهن اسان جي بدعملي جي ڪري اهي ئي شيون قبر ۾ اچي اسان کي ڏيڄارڻ لڳن تہ اسان ڪنهن سان فرياد ڪنديون سين؟ ان وقت اسان جو ڇا ٿيندو جو جڏهن انهن مان ڪا شيءِ اسان جي قبر ۾ ظاهر ٿي وڃي.

حضرتِ سيدنا علّامہ جلالُ الدّين سُيوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل فرمائن ٿا: جڏهن انسان قَبر ۾ داخِل ٿيندو آهي تہ اهي تمام شيون ان کي ڏيڄارڻ جي لاءِ اچي وينديون آهن جن سان هو دنيا ۾ تہ ڏڄندو هو ۽ الله پاڪ کان نہ ڏڄندو هو.

(شَرۡحُ الصُّدُور ص١١٢)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان کي گهرجي تہ پنهنجي اندر خوفِ خدا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. هن جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ اسان عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃون.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قبر ۾ ڪم ايندڙ عمل

اسان کي گهرجي تہ اسان دنيا ۾ اهڙن ڪمن کان بچون جيڪي قبر ۾ مشڪلات جو سبب بڻجن ۽ اهڙن ڪمن جي رغبت رکون جيڪي قبر ۾ بہ ڪم اچن ۽ آخرت بہ بهتر ٿئي.

حضرت سَيدُنا فقيہ ابُوالليث سمرقندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو قبر جي تنهائي ۽ گهٻراهٽ کان بچڻ چاهي تہ ان کي گهرجي تہ چئن شين کي اختيار ڪري ۽ چئن شين کان پاسو ڪري. جيڪو بہ ائين ڪندو اهو قبر جي تنهائي ۽ گهٻراهٽ کان بچي ويندو.

## پهريون عمل نماز

اهي چار شيون جن کي اختيار ڪرڻو آهي، انهن مان سڀ کان پهرين شيءِ نماز آهي. الله جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: جيڪو نمازن جي لاءِ بهتر طريقي سان وضو ڪري ۽ انهن کي انهن جي وَقت ۾ اَدا ڪري ۽ ان جا رُڪوع وسُجود، خُشُوع سان پورا ڪري ته الله پاڪ جي ذمّي ڪرم تي آهي ته ان جي بخشش فرمائي ڇڏي. (ابوداؤد ، کتا ب الصلوة ، با ب المحا فظة علي وقت الصلوات،۱/ ۱۸۶، حديث: ۴۲۵)

## ٻيو عمل صدقو ڏيڻ

قبر جي اونداهي کي روشني ۾ ۽ قبر جي وحشت کي اطمينان ۽ سکون ۾ بدلڻ جو هڪ ٻيو عمل الله پاڪ جي راهه ۾ **صدقو ڪرڻ** به آهي. فرمانِ مصطفيٰ آهي: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَلٰى اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ بيشڪ صَدَقو ڪرڻ وارن کي صَدَقو **قبر جي گرمي** کان بچائي ٿو وَاِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيْ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ ۽ بيشڪ مُسَلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدَقي جي ڇانوَ ۾ هوندو. (شُعَبُ الايمان، باب الزکاة، التحريض علي صدقة التطوع،۲۱۲/۳، حديث:۳۳۴۷)

## ٽيون عمل تِلاوتِ قرآن ڪرڻ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان قبر ۾ ڪم ايندڙ عملن بابت ٻڌي رهيون هيوسين. انهن مان هڪ **تلاوتِ قرآن** به آهي. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا ڪريو ڇوته اهو قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ وارن جي شَفاعت ڪرڻ جي لاءِ ايندو. (صحيح مسلم ،کتاب فضائل القرآن ،ص۴۰۳ح۸۰۴) هڪ ٻئي حديثِ پاڪ ۾ آهي ته ٽن قسم جا ماڻهو بروزِ قيامت ڪاري مشڪ جي دڙن تي هوندا، انهن کي ڪنهن قسم جي گهٻراهٽ نه ٿيندي، نه انهن کان حساب ورتو ويندو. (انهن مان هڪ) اهو شخص آهي جنهن رِضاءِ الٰهي جي لاءِ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ۽ ماڻهن جي اِمامت ڪئي جڏهن ته اهي ان سان خُوش هجن.“ (شعب

الايمان ج٢ ص ٣٤٨ ح:٢٠٠٢) **الله پاڪ اسان کي تلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## چوٿون عمل الله پاڪ جو ذِڪر ڪرڻ

حضرت علامہ فقيہ ابُو اللَّيث سمرقندي رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہِ جي بيان ڪيل قبر ۾ ڪم ايندڙ عملن مان چوٿون عمل **ذِڪرِ الٰهي** آهي. اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: **جڏهن بہ ماڻهو الله پاڪ جي ذڪر جي لاءِ ويهندا آهن تہ انهن کي ملائڪ گهيري ونندا آهن، رحمتِ الٰهي انهن کي پنهنجي آغوش ۾ ونندي آهي ۽ انهن تي سڪينو نازل ٿيندو آهي.** (مسلم، ڪتاب الذڪر و الدعاء ...الخ ، باب فضل الاجتماع علي تلاوة...الخ، ص١١١١، حديث:٢٧٠٠)

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان قبر ۾ ڪم ايندڙ چئن (4) نيڪ عملن جي باري ۾ ٻڌو، حضرت علامہ فقيہ ابُو اللَّيث سمرقندي** رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہِ **جي بيان ڪيل روايت جي مطابق 4 بُرا عمل اهڙا بہ آهن جو قبر ۾ سلامتي جي لاءِ انهن کان بچڻ بيحد ضروري آهي، اچو! ٻڌون ٿيون تہ اهي 4 عمل ڪهڙا ڪهڙا آهن؟**

## پهريون عمل ڪوڙ

رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: **ڪوڙ گُناھ ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ گُناھ جهنَّم ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ بيشڪ ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي، ايستائين جو الله پاڪ جي ويجهو ڪذّاب يعني تمام وڏو ڪوڙو ٿي ويندو آهي.** (بخاري ، ڪتاب الادب، باب قول الله تعاليٰ يا اَيهَا الَّذِينَ...الخ، ١٢٥/٤، حديث:٦٠٩٤) يعني هر هر ڪوڙ ڳالهائڻ ٻانهي کي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ رُسوا ڪندو آهي.

## ٻيو عمل خيانت

ٻيو اهو عمل جنهن سان بچڻ قبر ۾ فائدو ڏئي سگهي ٿو اها آهي خيانت. رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: **جيڪو شخص پنهنجي پاءُ کي ڪنهن**

معاملي ۾ مشورو ڏئي جڏهن ته ان کي خبر آهي ته دُرستگي ان کان علاوه ۾ آهي ته هن ان سان خيانت ڪئي. (ابوداؤد،ڪتاب العلم،باب ڪراهية منع العلم،۳/۴۴۹، حديث:۳۶۵۷) يعني جيڪڏهن ڪو مسلمان ڪنهن سان مشورو ڪري ۽ مشورو ڏيڻ وارو ڄاڻي واڻي غلط مشورو ڏئي ته جيئن مشورو وٺڻ وارو مصيبت ۾ ڦاسي پوي ته اهڙو مشير (يعني مشورو ڏيڻ وارو) پڪو خائن(يعني خيانت ڪرڻ وارو) آهي. (مراة المناجيح،۱/۲۱۲)

الله پاڪ اسان کي هر قسم جي خيانت کان محفوظ فرمائي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٽيون عمل چُغلي

اسان انهن عملن جي باري ۾ ٻڌي رهيون آهيون جن کان بچڻ قبر ۾ راحت و سڪون جو سبب ٿيندو آهي، انهن مان هڪ چُغلي به آهي. ماڻهن ۾ فساد ڪرائڻ جي لاءِ اُنهن جون ڳالهيون هڪ ٻئي تائين پهچائڻ **چغلي** آهي. (شرح مسلم للنووي، ڪتاب الايمان،باب بيان غلظ تحريم النمية،۲/۱۱۲) **الله** جي نبي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: **الله پاڪ جا** بُرا ٻانها اهي آهن جيڪي چُغل خوري ڪن ٿا، دوستن ۾ جُدائي ڪرائن ٿا ۽ نيڪ ماڻهن جا عيب تلاش ڪن ٿا. (مسند احمد،مسند الشاميين، ۶/ ۲۹۱، حديث ۱۸۰۲۰) لهٰذا اسان کي چغل خوري کان بچڻ گهرجي.

الله پاڪ اسان کي چُغلي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## چوٿون عمل پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اهڙا ڪم جيڪي قبر جي عذاب جو سبب ٿي سگهن ٿا، انهن مان چوٿون ڪم پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچڻ آهي. پنهنجي ڪپڙن ۽ بدن جي پاڪي جو خيال نه رکڻ يقيناً هڪ خراب عادت آهي، جيڪا

ڪيئي دِيني فائدن کان محرومي سان گڏوگڏ عذابِ قبر ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي. اچو انهيءَ حوالي سان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون مبارڪ حديثون ٻڌون جيئن ته

ارشاد فرمايائون: عذابِ قبر عام طور تي پيشاب (جي ڇنڊن کان نه بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي. (المعجم الكبير، الحديث: ١١١٢٠ ، ج١١،ص٧٠)

هڪ ٻي روايت ۾ فرمايائون: قبر جو عذاب پيشاب (جي ڇنڊن کان نه بچڻ) جي ڪري ٿيندو آهي، تنهنڪري ان کان بچو. (سنن ابن ماجة،ابواب الطهارة،باب التشديدفي البول،الحديث:١،٣٤٨/٢١٩)

هنن حديث سڳورين تي عمل ڪندي اسان ڪي به گهرجي ته اسان به هر قسم جي ناپاڪي ۽ خاص ڪري پيشاب جي ڇنڊن کان پاڻ کي بچايون، الله پاڪ اسان کي نجاست کان بچڻ ۽ پاڪيزه رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي ”گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ جا ڪجھ مدني گل“ پيش ڪيان ٿي.

## گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ بابت مدني گل

پهريان 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظه ڪريو: (1) فرمايائون: پنهنجي گهرن کي قبرستان نه بڻايو، بيشڪ جنهن گهر ۾ (سوره) بقره پڙهي ويندي آهي شيطان ان گهر کان ڀڄي ويندو آهي. (مسلم، كتاب صلاة المسافرين ،باب استحباب صلاةالنافلة في بيته--- الخ ص٣٠٦، حديث:١٨٢٤) (2) فرمايائون: جنهن گهر ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ۽ جنهن گهر ۾ الله پاڪ جو ذڪر ناهي ڪيو ويندو، انهن جو مثال زنده ۽ مُرده جيان آهي. (بخاري، كتاب الدعوات،باب فضل ذكر الله ،٤ /٢٢٠، حديث: ٦٤٠٧) ❖ گهر ۾ ايندي ويندي وڏي

آواز سان سلام ڪريو. ❖ والد يا والده کي ايندي ڏسي تعظيم طور بيهي رهو. ❖ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيري اسلامي ڀائر والد صاحب ۽ اسلامي ڀينرون امڙ جا هٿ ۽ پير چُمن. ❖ والدين جي سامهون آواز هلڪو رکو، انهن سان اکيون هر گز نہ ملايون.❖ انهن جو ڏنل هر اهو ڪم جيڪو خِلافِ شرع نہ هجي يڪدم ڪري ونو. ❖ گهر ۾ بلڪ ٻاهر بہ هڪ ڏينهن جي ٻار کي ''اوهان'' چئي ڪري ئي مخاطِب ٿيو. ❖ ڪاش! تهجد ۾ اک کلي وڃي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ فجر نماز تہ آساني سان ملي وڃي ۽ پوءِ ڪم ڪار ۾ بہ سستي نہ ٿئي. ❖ گهر ۾ جيڪڏهن نمازن جي سُستي، بي پردگي، فلمن، ڊرامن ۽ گانن باجن جو سلسلو هجي تہ هر هر نہ ٽوڪيو. ❖ سيني کي نرمي سان سنّتن ڀريا بيانات ٻڌرايو. اِنْ شَآءَاللّٰه مدني نتيجا ظاهر ٿيندا. ❖ گهر ۾ ڪيترا ئي ڏڪا ملن، صبر صبر ۽ صبر ڪريو، جيڪڏهن زبان هلائيندؤ تہ "مدني ماحول" بڻجڻ جي ڪا اُميد ناهي بلڪ ويتر بِگاڙ پيدا ٿي سگهي ٿو ❖ اجائي سختي ڪرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن شيطان ماڻهن کي ضدي بڻائي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري ڪاوڙ، چڙ ۽ ڏڪا ڏيڻ وغيره جي عادت بلڪل ختم ڪري ڇڏيو. ❖ گهر ۾ روزانہ فيضانِ سُنّت جو درس ضرور ڏيو يا ٻڌو. ❖ پنهنجي گهر وارن جي دُنيا و آخرت جي بهتري جي لاءِ دل سان دُعا بہ گهرنديون رهو ڇوتہ دُعا مومن جو هٿيار آهي. ❖ گهر وارن کي گناهن ڀري چينلن کان ڇوٽڪارو ڏياري صرف ۽ صرف **مدني چينل** ڏيکارڻ جي ترڪيب بڻايو. (فيضان داتا علي هجويري، ص۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جھلڪيون

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** اِنْ شَآءَالله ايندڙ هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: **"حضرت عبدالله بن مبارڪ ۽ عالم سڳورن جي خدمت"** جنھن ۾ اسان حضرت عبدالله بن مبارڪ رحمۃ الله عليه جي مقام ۽ مرتبي سان گڏوگڏ سندن جي علم ۽ عالمن سان محبت ۽ علماءِ ڪرام جي خدمت جا واقعا به ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين. لھٰذا! **آئنده اربع به** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ڀين ڪي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ **هٿ ڪٽي چئو:** اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد